سائين منشارام صاحب



سائين منشارام صاحب جو جنم ڳوٺ لعلو رائنڪ تعلقي وارهہ ضلعي لاڙڪاڻي (هاڻي قمبر شهداد ڪوٽ) ۾ انگريزن جي شروعات واري وقت ۾ ٿيو. نرالا سَنت، صوفي درويش ۽ شاعر هئا. سنڌي، هندي توڙي سرائڪي ۾ شاعري ڪيائون. سائين منشارام، سائين نوَلرام جا طالب/چيلا هُئا. سائين نوَلرام صاحب جن جو آستان سنڌ ۾ گانڌا خان جي ڳوٺ ۾ هو. منشارام صاحب مشهوريءَ ڪان پري، بيپرواهہ بزرگ هُئا، نہ ڪاڏي خوارڪ جي پرواهہ نہ ڪا جسم جي سُڌ، پلي 6 مهينا نہ وهنجن بہ سندن جسم مان خوشبوءِ پئي ايندي هئي. ڪيترائي ماڻهو اهو ڏسي اچرج ۾ پئجي ويندا هُئا. هي مست فقير ڏينهن رات رب جي خيال ۾ گم هوندا هئا. سندن آستان ڪي ڳوٺ ۾ منشارام جي مڙهي ڪري ڪوٺيندا هئا، جيڪا هر عام خاص لاءِ کليل رهندي هئي ۽ وٽن ڪيترائي سَنت، درويش رهاڻ لاءِ ايندا رهندا هئا. يڪتاري تي ڪلام ڳائيندا هئا ۽ آواز بہ ڏاڍو سريلو هوندو هئن. پاڻ شادي نہ ڪيائون. سادو ڪائيندا ۽ پائيندا هئا. وٽن بہ گانيون هونديون هيون، جن جي پنهنجي سر سار سنڀال لهندا هئا ۽ ڪٿي سير سفر تي نڪرندا هئا تہ پاڻ سان گڏ وٺي نڪرندا هئا. سائين ساڌورام صاحب سندن چيلا هئا. سندن خدمت ۾ شري هرچارام، گرمکداس، دريانومل، سترامداس ۽ پٽلڏومل سدائين رهندا هئا.

هڪ ڀيري سيٺ دوياني مل جي وڏي ڀاءُ سيٺ نامي مل، سائين منشارام کي عرض ڪيو ته سائين درياني کي ڪافي سال شادي ڪئي ٿيا آهن، پر اولاد ڪو نه ٿو ٿئيس. ديا ڪري پنهنجي گنج مان هڪ دمڙي درياني کي جهوليءَ ۾ ڏيو. سائين منشارام صاحب کلي ڪري چيو ته: تو دمڙي گهري آهي اِنڪري درياني کي پهرين ڇوڪري ڄمندي ۽ پوءِ ڇوڪرو به ٿيندس. بلڪل درويش جي چوڻ موجب پهريائين کيس ڇوڪري ڄائي جنهن جو نالو دمڙي ٻائي رکيائون ۽ ان کان پوءِ هڪ پٽ ٿيو، جنهن جو نالو دمڙو رکيو ويو. ان خوشي ۾ سيٺ درياني مل پنهنجي اوطاق واري جڳهه سائين منشارام جي نالي سان نهرائي، ۽ ان جا دستاويز کين ڏنا، جيڪو پاڻ قبول نه ڪيائون. درياني مل جو پٽ دمڙو، ورهاڱي کان پوءِ عيال سميت هندستان جي شهر ٻڙودي ۾ وارشا ڪالونيءَ ۾ رهيو.



آخري وقت ۾ سائين منشارام صاحب سيني پريمين کي گهرائي ٻڌايو ته، اسان جو هاڻ شرير ڇڏڻ جو وقت اچي ويو آهي، اسان هاڻ پنهنجي ذڪر ۾ مشغول ٿي وينداسين ۽ هن جسم کي ڇڏي هليا وينداسين. مگر

اسان جي جسم سان هٿ چراند نہ ڪجو، متان اسان کي مئل سمجهي اگني سنسڪار ڪريو. هن جسم کي نہ ڪو جيت لڳندو ۽ نہ ئي ان ۾ بدبوءِ ٿيندي. ڪو پهتل درويش ايندو تہ ان سان رهاڻ بہ ٿيندي. هرداس مل کي حڪم ٿا ڪريون تہ هو پٽ سميت آستان تي رهندو. اُهو ئي فقط روزانو انگوڇو آلو ڪري اسان جي بدن کي صاف ڪري ۽ وري سڪل ٽوال متان گهمائي تہ اسان جو سرير تازو رهندو. اسان جي ڪٽ جي چوڌاري ڇهن فوٽن جي ديوار ڪڙي ڪجو ۽ ان کي هڪ دروازو ۽ هڪ دري شيشي جي لڳرائجو. ڪجهہ وقت کان پوءِ سائين منشارام گيڙو رنگ جي لوئي پائي کٽ تي آرامي ٿيا ۽ ڪجهہ وقت ۾ وڃي مالڪ حقيقي سان مليا. اها تاريخ 16 جنوري 1938ع برابر سنڌي تاريخ 15 پوهہ وڪرمي سنبت 1993، ڏينهن آچر جو هو. ڪجهہ وقت کان پوءِ سائين جن جي حڪم موجب سندن کٽ واري جاءِ جي چوڌاري ديوار ڪٽائي، شيشي جي دري ڏنائون. جنهن مان ماڻهو سندن درشن ڪندا هئا. هڪ دفعي سائين ڪنور رام صاحب شهدادڪوٽ ۾ پهُتا وجهڻ آيا تہ اتي خبر ٻڌائون تہ پرسان لعلو رائنڪ جي ڳوٺ ۾ سائين منشارام جن پنهنجو جسم رکائي ڇڏيو آهي. اها هاڪ ٻڌي سندن آستان تي ڪهي آيا ۽ چيائون درويش جو درشن ڪنداسين. ائين چئي دروازو کولي اندر کٽ جي پرسان هيٺ ويهي رهيا ۽ دروازو بند ڪري ڇڏيو. برابر 20 منٽ کن ڪنور رام، سائين جن سان ڳالهائيندا رهيا جو آواز ٻاهر وينلن سيني پئي ٻڌو مگر سمجهہ ۾ ڪنهن کي بہ نہ پيو اچي تہ ڇا ٿا ڳالهائين. فقط آواز سائين ڪنور رام ۽ سائين منشارام جو ٻڌڻ ۾ پئي آيو. بعد ۾ سائين ڪنور رام اتي وينل سنگت کي بہ ٽي ڪلام ٻڌائي، لنگر ڪائي روانا ٿيا.

هن وقت سائين منشارام جو آستان اُلهاس نگر 3، بمبئي، انديا ۾ آهي. ڪلام جو نمونو:

1

غئب ۾ گوتا مارو غازي، وٺ لال اَندر مان لهي لهي

1. ڏس انهيءَ کي جو ٻڌي ٻولي، ڪر شاهن شاهہ سهي سهي

2. هر جاءِ هوت هڪوئي وسندا، آڪاس پاتال مهي مهي

3. آپ گنوائي تان شاهہ پائي، ويو نانڪ شاهہ چئي چئي

4. ظاهر باطن توهين تون، ڪر دل مان دور دئي دئي

5. مام مرشد جي من ۾ راکو، پس پاڻ ۾ پاڻ پهي پهي

6. نعرا منصوري مارو ’منشا‘، پوندو پرم جو ڪوٺ ڊهي ڊهي

جي پڇن بره باه کان، سچا سوره سڏبا سي

1. انئي پهر اندر ۾، جپن جاني کي
تري ويا تک تار مان، سچا سوره سڏبا سي.

2. اُهي سير سڏائين ڪين ڪي، چون اَڏ سير نا آهيون اسين،
پري آهن سي پاءَ کان، سچا سوره سڏبا سي.

3. لوڪ ڪل جي لڄ نواريائون، چا ڪندو شاستر تن کي،
جي بالا آهن برهم پاءُ ۾، سچا سوره سڏبا سي.

4. آشا ترشنا ناهي تن کي، چت ۾ رکن نہ چنتا کي،
اُهي ڊڄن نہ ٻئي ڪنهن ڊاءَ کان، سچا سوره سڏبا سي.

5. من، ٻڌ، ڪام آد تياڳيائون، ڇڏيائون ديه اهنڪار دسي،
جي دور آهن دنيا جي داءَ کان، سچا سوره سڏبا سي.

7. ‘منشا’ موج پنهنجي ۾ آهن، سوهم آهن سي،
جيڪي نيارا آهن روپ نانءَ کان، سچا سوره سڏبا سي.

3

اديون اصل کان آهيان، سچي ستگر جي گولي
ڳالهہ تنهين جي گٽن جي، ڪيان خاصي چڱي ڍولي

1. سنگت سنت سچارن جي، مون کي واه وٽي ٿولي،
ڪري پيس ڪامل اڳيان مان، جهد ڪري جهولي

2. حجت ڇڏي هوتن سان، ڪيم ٻانهپ جي ٻولي،
نوَلرام نگاه سان منهنجي، اندرين اک کولي

3. لائي ڇڏيائين لک ۾، سوهم شبد سلي،
ديا ڪري دلبر ڏني، مونکي لاڪيٽي لولي

4. ماري ڇڏيائين من کي، ٻولي ٻاجهہ پري ٻولي،
پٽيائين پاڙ ڀرم جي، ڏئي چوه منجهان چولي

5. عشق بهار عجيب جي، منهنجي رنگ رتي چولي،
سڪ منجهان سنتن سان، ڪيڏان هميشہ هولي

6. جاني لڪايائون جان ۾، هيس ۾ ڳوڙن ۾ ڳولي،
مهر ڪري منشارام تي، ڪئي ستگر آ سولي.

4

منو محرم منهنجو جاني، ٻڏان ٿي هوت هت ايندو
پجي سڀ پير پري ويندي، درد دک دور سو ٿيندو

1. سڄڻ پنهنجي يار کي ساريون، ڪيان پل پل ٿي پڪارون،
موڙي محبوب مهارون، پاڻي هن پار جو پيئندو

2. ڪريان ويني درد مان دانهون، ٻڌندا سي عرش ۾ آهون،
ڏيندو عجيب اوراهون، وصل جو واءُ ڪو ورندو

3. ڪانگي ڪاغذ ڪڻي آندو، ڏاڍو منهنجو من هو ماندو
پڙهيم خطڙو لٿو سياندو، دلاسو داد ڪو ٿيندو.

4. منو مرشد جڏهن ايندو، چوان مان ڳالهہ چا ٿيندو،
'منشي' جو سڀ مرض ويندو، مئل ساهہ اچي پوندو.

5

ساڌ سنگت نا چوڙ، منڙا خاصي ٻولي ٻول،

مات پتا ست سهرد دارا، توسان نہ هلندا توڙ،
ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موهہ، ٽنگان ترشنا جون ٽوڙ،
ساڌ سنگت ۾ رهہ هميشہ، منهن ڪبهون نہ موڙ،
پُورن برهم پرماتما، لهہ لالڻ تون لوڙ،
اپياس ستگر شبد ڪا ڪريئي، جيتو نج من دوڙ،
'منشا' موج اپني ۾ رهيئي، چاهہ اچاهہ نون چوڙ.

نہ گھُريوسي مال متاع، رڳو عشق تا گھرون

1. رحيم رحم ڪر تون پنھنجو، عرض اگھائج اِھو منھنجو
توکي ڪيوسي اطلاع، نہ گھُريوسي مال متاع.

2. بھشت دوزخ جي بات نہ ڪئيسي، جنت کان سر جي تات ڇڏيسي،
رڳو اختياريوسي الله، نہ گھُريوسي مال متاع.

3. دين مذھب جو جھيڙو ڇڏيوسي، عشق بھار سان خيال اڏيوسي،
سانگو نہ رکيوسي ساھ، نہ گھُريوسي مال متاع.

4. محب مونکي تون يار ملائج، خيال 'منشي' جي کي خوب کلائج،
رھبر رک تون راۂ، نہ گھُريوسي مال متاع.

ڪلام 7 – قواليءَ ۾

خدا ھئہ، خدا ھئہ، خدا ھئہ خدا

ھئہ سڀ سي نيارا، نہ ڪس سي جدا

خدا ھئہ، خدا ھئہ، خدا ھئہ خدا

1. اگيان سي الپت ھئہ وو، گيان سي گلزار ھئہ،

ھئہ سروَ ۾ سدا، ھئہ سرو ۾ سدا.

خدا ھئہ، خدا ھئہ، خدا ھئہ خدا

2. نام روپ اس ۾ تو بنتا ھي نھين، ھئہ سڀ ڪا وو محرم پرور بندا

خدا ھئہ، خدا ھئہ، خدا ھئہ خدا

3. دئيت نہ ھئا ھئہ، نہ ڪيي ھوويگا، ھئہ پريم بغيچي ۾ ميرا رانول رُدا

خدا ھئہ، خدا ھئہ، خدا ھئہ خدا

4. ’منشا‘ اپني موج ۾ رهتا هئہ هر دم، استاور، جهنگم، کيٽ، پتنگم، آکاش چدا

خدا هئہ، خدا هئہ، خدا هئہ خدا

سائين اِندر لال عرف رام شرڻ اُداسي جن جي ٿورن سان

ورتل:

ڪتاب: اُداسي سائين ساڌورام صاحب ۽ سندن گرو سائين منشارام صاحب جو جيون چريتر

ليکڪ: پائي ماڌوداس ايس. اُداسي (دربار ناندو وارا، ضلع بلڍانا، مهاراشٽر)

۽

سائين دولترام ايس. اُداسي (دربار اُلهاسنگر 3، ضلع ٺاڻ، بمبئي)